# ٥. تعليم ئي سچي دولت آهي

### ٻُڌو. پڙهو ۽ سمجهو.



هڪ راجا هو. راجا کي هميشهہ پرجا جو اونو هوندو هو. پرجا سکي ستابي هجي، اُن لاءِ هو بيحد يتن ڪندو رهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن تہ اَڪيلو، جدا جدا ويس ڪري، رات جو گهمندو رهندو هو. اِن لاءِ تہ هو پاڻ پرجا جا ڏکہ - درد محسوس ڪري سگهي.

اِئين ئي هڪ ڏينهن، هڪ نئون ويس ڌاري راجا عوام جي جاچ ڪرڻ نڪتو. اِئين ڪندي ڪندي هو جهنگلن جي رستن وچي پهتو. اوچتو آسمان ۾ بادل ڇائنجي ويا. تيز طوفاني برسات پوڻ لڳي. ڏينهن جو ئي جڻ رات ٿي ويئي. راجا کي چڱيءَ طرح سان ڪجهہ بہ نظر نہ پيو اچي. ائين ڀٽڪندي ڀٽڪندي راجا جهنگل جي ٻاهرين حد تائين پهتو. بکہ اُڃ ۽ ٿڪاوٽ ڪري، هو هڪ وڻ هيٺان ويٺو. اُن وقت ئي ننڍڙا ٻار، اُتان لانگهائو ٿيا. راجا ٻارن کي سڏ ڪري چيو ”ٻارو، هت اَچو“ مون کي ڏاڍي بکہ لڳي آهي. ڇا توهان منهنجي مدد ڪري سگهو ٿا؟ هڪ ٻار چيو، ”ها، سائين، اَسان جو گهر ويجهو آهي، بس توهان ٿورو ترسو. اَسين اِجهو آياسين.“ ائين چئي ٽيئي ٻار ڊڪندا ويا ۽ جهٽ اُنهن راجا لاءِ ڪاڌو پاڻي آندو. راجا تمام خوش ٿي چيو، ”ٻارو، سچ پچ توهان اوکي مهل منهنجي مدد ڪئي آهي. مان راجا آهيان“ مان توهان تي فخر محسوس ڪيان ٿو.“ توهان جي اِن نيڪ ڪم لاءِ مان توهان کي اِنعام ڏيڻ چاهيان ٿو. ٻڌايو، توهان کي ڇا گُهرجي؟

ڪجهہ دير بعد هڪ ٻالڪ چيو، مون کي توهان وڏي زمين ڏيو.

سڀ ڪجهہ ملندو.“ راجا جواب ڏنو.

ٻيو ٻار خوشيءَ مان چيو، ”واهہ، پوءِ تہ منهنجي مُراد بہ پوري ٿيندي. مان غريب آهيان. مونکي ڏن دولت گُهرجي جنّن مان سنو ڪائي سگهان، سُنو پهري سگهان، خوب موج مستي ڪيان.“ راجا واڻيو، ٻچڙا، مان توکي جام جام ڏن ڏيندس، هاڻي ٽئين ٻالڪ جو وارو هو. راجا هُن کان پڇيو، گُهر، جيڪو گُهرڻو اَٿيئي.“

ٽئين ٻالڪ ورندي ڏيندي چيو، ”منهنجو سپنو آهي، مان خوب پڙهائي ڪيان ۽ اوچي تعليم حاصل ڪريان.“ راجا چيو، ”واهہ! تنهنجي پڙهائيءَ جي پوري ذميواري منهنجي.“ اَهڙي نموني راجا ڀنهنجي ماڳا موٽيو. محلات ۾ وڃڻ شرط ٽنهي ٻارن جون گهرجون پوري ڪرڻ جو جوڳو بندوبست ڪيو.

ٽيون ٻار ڏينهن رات محنت ۾ لڳي ويو. وقت گذرندي هوُ نوان نوان گرنٿ پڙهندي هڪ برک ودوان بڻيو. راجا ٽئين ٻالڪ کي جو هاڻي شاستر - اَرٿ ۾ ماهر هو، ڀنهنجي راڄ ۾ منتريءَ جو پد ڏنو.

ڀهرين ٻالڪ جنهن گهر - زمينون ورتيون هيون، ٻوڏ سبب سندس سڀ برباد ٿي ويو. ٻيون ٻالڪ، جنهن ڏن دولت حاصل ڪئي هئي، هن سڀ ڀئسو موج مستيءَ ۾ وڃائي وينو. گهٽين ڀئسي سبب هُن ۾ خراب عادتون گهر ڪري چڪيون هيون، اَهڙو بہ وقت آيو، جو سڀ ڀيسا وڃائي واپس غريب ٿي ويو. ٻئي ٻالڪ هاڻي راجا وٽ، ڀنهنجي دوست مطلب منتريءَ سان ملڻ آيا، اُداس ٿي منتريءَ کي چيايون: اَسان راجا کان اِنعام ونڻ وقت عزيز پل ڪئي هئي. اَسان وٽ گهر زمينون، ڀيسا ڪجهہ بہ نہ رهيو آهي. تڏهن منتري کين چيو، ”ڪنهن وٽ بہ ڏن دولت هميشهہ نہ رهندو آهي. اِهو تہ ايندو - ويندو رهندو آهي. صرف تعليم ئي آهي، جا اَسان وٽ دائما رهندي آهي تعليم ئي سچي دولت آهي.“

**نوان لفظ:**

| | | |
|---|---|---|
| اونو = خيال، | يتن = ڪوشش، | مطابق = انوسار |
| عزيز = وڏي، | دائما = هميشهہ | |

## اَڀياس

**سوال ١: هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جُملن ۾ لکو.**

١) راجا کي ڪنهن جو اونو هوندو هو؟
٢) ٻارن راجا کي ڪهڙي مدد ڪئي؟
٣) ڀهرين ٻار راجا کان انعام ۾ ڇا گهريو؟

**سوال ٢: هيٺين سوالن جا ٿوري ۾ جواب لکو.**

١) پرجا کي سکيو ستابو رکڻ لاءِ راجا ڪهڙا يتن ڪندو هو؟
٢) جهنگل ۾ راجا جي ڪهڙي حالت هئي؟
٣) ٽيئن ٻار جو ڪهڙو سپنو هو؟

**سوال ٣: (الف) هيٺين جا ضد لکو.**

رات، ڏُک، راجا، نوڪر

**(ب) ساڳي ءَ معنيٰ وارن لفظن جا جوڙا ملايو..**

| (الف) | (ب) |
| --- | --- |
| دولت | ڌاڙو |
| وقت | خواب |
| سپنو | دکي |
| اُداس | ڌن |

## پورڪ اَڀياس

### ڪر تي عملي ڪم

اِئين ئي هڪ ڏينهن .................................................. اِنعام ڏيڻ چاهيان ٿو.

**(i) گولا پورا ڪريو:-**

راجا

**(ii) 'ڪنهن' ڪنهن کي، ڪالم پورا ڪريو:-**

| | ڪنهن | ڪنهن کي |
| --- | --- | --- |
| ۱) اَسين اِجهو آياسين | | |
| ۲) مان راجا آهيان. | | |
| ۳) پارو هت اَچو. | | |
| ۴) توهان ٿورو ترسو. | | |

**(iii) ٽڪر ۾ 'طوفاني' لفظ برسات سان ڪم آندل آهي. طوفاني سان ٺهڪندڙ لفظ گول مان چونڊي لکو:**

۱) طوفاني ..................................

۲) طوفاني ..................................

۳) طوفاني ..................................

۴) طوفاني ..................................

هوا، پهاڙ،
رات، لهر، وڻ
مٽي، ڳرا

**(iv) اَسان جو گهر ويجهو آهي.**

**جملي موجب خال ڀريو:-**

| ضمير | اِسم | حرف جر | فعل |
| --- | --- | --- | --- |
| | | | |

LNTLUB

# وياڪرڻ

## حرف جر

**هيٺيان جُملا پڙهو:**

١) ڪتاب ٽيبل **تي** پيو آهي.
٢) لفافو ڪيسي **۾** آهي.
٣) چوڪرو مندر **ڏانهن** ويو.
٤) راجيش ماءُ **کي** پرڻام ڪيو.
٥) راڻيءَ پتا **لاءِ** پاڻي آندو.

پهرئين جملي ۾ **’تي‘** لفظ ٽيبل ۽ ڪتاب جو لاڳاپو ڏيکاري ٿو. ٻئين جُملي ۾ **’۾‘** لفظ ڪيسي ۽ لفافي جو لاڳاپو ڏيکاري ٿو. ساڳئي نموني **’ڏانهن‘** لفظ چوڪري ۽ مندر، **’کي‘** لفظ راجيش ۽ ماءُ **’لاءِ‘** لفظ راڻيءَ ۽ پتا جو لاڳاپو ڏيکارين ٿا.

اِهي لفظ جيڪي اسم يا ضمير جي پٺيان اَچن ۽ انجو لاڳاپو ٻئي اسم يا ضمير سان ڏيکارين، اُنهن کي ’حرف جر‘ چئجي ٿو.

**هيٺين جملن مان حرف جر ڳولهيو:**

١) هرڪنهن لاءِ قرب ۽ همدرديءَ جي ڀاونا رکجي.
٢) رميش ڪالهه ممبئي مان آيو.
٣) منهنجي مامي وٽ وڏي لئبرري آهي.
٤) اَسانجي اِسڪول ۾ ساليانو جلسو ملهايو ويو.
٥) سڀ سونا سِڪا زمين تي ڪِري پيا.

# پاڻ ڪريان - پاڻ سکان



## خط

١. پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي اِمتحان ۾ پهريون نمبر اَچڻ تي واڌايون ڏيندي خط لکو.
٢. پنهنجي اِسڪول جي ساليانے جلسي ۾ ڀهرو وٺڻ لاءِ هيڊ ماسٽر کي خط لکو.
٣. ميونسپل واسطيدار عملدار کي پنهنجي ايراضيءَ ۾ وڻ پوکائڻ لاءِ عرض ڪندي خط لکو.
٤. توهانجي وارڊ جي نگرسيوڪ کي پاڻيءَ جي اَڻاٺ دور ڪرڻ لاءِ خط لکو.

## آکاڻي

١. ڏنل شروعات مان آکاڻي پوري ڪريو:-
هڪ دفعي جي ڳالهه آهي. سيما ۽ ريما ٻئي ساهيڙيون گڏجي ميلي ۾ گهمڻ ويون..............
٢. ڏنل لفظن مان آکاڻي ٺاهي لکو.
ڏرمو، ڪُتو، چور، بچائڻ.
٣. ڏيڻ مان آکاڻي ٺاهي لکو:-
ٻه ٻليون - مناڻي - باندر - تارازي - باندر جو مناڻي کائڻ - نصيحت - سِرو



## گفتگو

١. ٽرين ۾ مسافري ڪرڻ وارن ٻن مسافرن وچ ۾ گفتگو لکو.
٢. پاڻيءَ جي بچت لاءِ ٻن دوستن يا ساهيڙن جي وچ ۾ گفتگو لکو.
٣. هوا ۽ پاڻيءَ وچ ۾ گفتگو لکو.